# پَيدائِش جو ڪِتابُ

## مُوسیٰ جو جوڙِيلُ

لُنڊُن شهر منجهِ

ڇپِيو

١٨٧٢

Zsin
872

# پَيدائِش جو ڪِتابُ

## مُوسىٰ جو جوڙِئلُ

### بابُ پِهريُون

مُنڍ ۾ خُدا آسمان ۽ ڌرتي پَيدا ڪئي (٢) ۽ ڌرتي ٻي ٻَول ۽ سکڻي
هُئي ۽ اُونهائِي جي مُنهه تي اُوندهِ هُئي ۽ خُدا جو رُوحُ پاڻِي جي مُنهه تي
پِي چُريو ⁘
(٣) ۽ خُدا چَيو ڪِ سوجهِرو ٿِئي تہ سوجهِرو ٿِي پِيو (٤) ۽ خُدا سوجهِريکي
ڏِٺو تہ چڱو آهي ۽ خُدا سوجهِريکي اُوندهِ کان ڌار ڪيو (٥) ۽ خُدا سوجهري
کي ڏِينهُ چَيو ۽ اُوندهِ کي راتِ چَياءِ اِئين سانجهي ۽ صُبُوحُ ٿي پِهريُون
ڏِينهُ ٿِيو ⁘
(٦) ۽ خُدا چيو تہ پاڻِنِ جي وِچ ۾ پورُ ٿِئي تہ اُهو پاڻِيَ کي پاڻِيَ کان ڌار
ڪري (٧) ۽ خُدا پور کي جوڙِيو ۽ پور جي هيٺِئُنِ پاڻِنِ کي پور جي مٿِينِ
پاڻِنِ کان ڌار ڪيو سو اُنئِيئِ ٿِيو (٨) ۽ خُدا تنهِ پور کي آسمانُ چيو اِئين
سانجهي ۽ صُبُوحُ ٿي ٻِيو ڏِينهُ ٿِيو ⁘
(٩) پوءِ خُدا چيو تہ پاڻِي جو آسمان هيٺِ آهي سو هِڪڙي هندِ گڏُ ٿِئي



PRINTED FOR THE BRITISH AND FOREIGN BIBLE SOCIETY,
BY STEPHEN AUSTIN AND SONS, HERTFORD.